مثنويٰ درد نامہ...... حضرت صوفي سچل فقير سرمست

رَبِّ زِدْنِي عِلْمًا

اين سخن عشق است ني از شاعريست

کئی خسان دانند اين اشعار ها

(آشکار)

ISLAMIA
COLLEGE
LIBRARY
SUKKUR

مثنوي

دردنامه

مُرتّب :- قاضي علي اڪبر درازي

ڇپائيندڙ :- سچل سرمست ڪوآپريٽو اڪيڊمي
خيرپور

دفعه پهريون | جنوري ١٩٦٣ع | جلد هڪ هزار

هديه ٥٠ پئسا

حق واسطا قائم

ربِّ زدني علماً

اين سخن عشق است ني از شاعريست

ڪي ڪسان دانند اين اشعار را

(آشکار)

مثنوي

دردنامه

مُرتّب

قاضي علي اڪبر درازي

دفعه پهريون — جنوري ١٩٦٣ع — جلد هڪ هزار

دفعه دوم — آگسٽ ١٩٧٥ع — ٢٥٠

— هديه :- ٢ ٻه روپيه

حق واسطا قائم

بسم الله الرحمن الرحیم

در بیان درد و ارشاد پیر و مرشد

۱. باز آمدم بخیالِ دیگر	کردیم بیان بحالِ دیگر
۲. گر ذرهٔ درد در تو آید	ثریا با آسمان بر آید
۳. هیهات که بیخبر شدی تو	غمِ درد بگیر در عشق شو
۴. جز درد دگر رهی نباشد	شاه است دگر شهی نباشد
۵. این درد رساندت خدا را	در لحظه نمایدت خدا را
۶. این درد بود همه سعادت	این درد شده همه هدایت
۷. این درد قطع کند منازل	شد درد دو جهان عشق نازل
۸. کم میکند او غرورِ شاهی	چه چتر و چه تخت و چه سپاهی
۹. گر درد ترا نشد میسر	هیهات که ماندهٔ مقصر
۱۰. گر کشف بتو شود کرامات	جز درد بحالِ تست هیهات
۱۱. سر مطلب درد یار باشد	بی درد همیشه خوار باشد

دربيان درد وارشاد پير مرشد (سنڌي ترجمو)

١- وري دل ۾ پيو خيال پيدا ٿيو - جنهن ڪري وري پيو احوال پيش ڪيانءِ

٢- جيڪڏهن ذرو درد توکي رسي ٿو - ته آسمان تائين دانهون ڪري ٿو

٣- افسوس تنهنجي حال تي جو توکي ان جي شان جي خبر نه آهي - درد ۽ غم ...

صبر ۾ انهيءَ غم ۾ رهه.

٤- درد کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ڪونهي - درد شاهه آهي ۽ ڪرشاهه ڪو

٥ ايهو درد توکي خدا وٽ پهچائيندو ۽ جهت تي توکي ... پهچائيندو.

٦ اهو درد نيڪ بختي جي نشاني آهي انهيءَ درد جي سبب هدايت سمايل آهي

٧- درد سڀ منزلون طي ڪري ٿو - ٻنهي جهانن ۾ عشق عطا ڪري ٿو.

٨. هو بادشاهي غرور کي گم ڪري ٿو ۽ تاج ۽ تخت جي غرور کي ڇڏائي.

٩ جيڪڏهن توکي درد حاصل نه ٿيو ته ڀلا افسوس جي ڳالهه آهي ۽ تنهنجو قصور آهي

١٠ جيڪڏهن توکي ڪشف ۽ ڪرامت نصيب ٿي ته به جيڪڏهن درد نه آهي ته سواءِ تنهنجي

حالت تي افسوس آهي

١١ مطلب ته درد خدا پاڪ جو يار آهي - ۽ درد هميشه خوار آهي.

۱۲. یک روز به پیر خود رسیدم — جز درد نه قصه‌ها شنیدم

۱۳. هم مجلسیان شده یکی زار — هر خاص و عام بود بیمار

۱۴. خود شد ز فغان چشم پر آب — تر گشت زمین زمان به سیلاب

۱۵. آن پیر به بیخودی رسیده — تیغی ز میانِ دل کشید

۱۶. بر هر کس چشم جادوی زد — دیوانه شده ز حد بجهید

۱۷. آن چشم که بود خنجرِ عشق — دانیم که بود مظهرِ عشق

۱۸. از درد دهی کشید آهی — از آه همی نمود راهی

۱۹. در راه ز عشق می نموده — دلِ خاص و عام را ربوده

۲۰. کن صبر تو آشکار شیدا — ورنه که قیامت است پیدا

۲۱. این جان که می شود خرابم — در سوز و گداز من کبابم

۲۲. نگاه که بمن نگاه کردی — پُر درد همی شدم بدردی

۲۳. هر کس که برو نظر بفتاد — افتاد بخاکِ پا نه استاد

۲۴. هر مرد که درد مایهٔ عشق — بر عاشق هست سایهٔ عشق

۲۵. بیدرد مباش گر تو مردی — دردی نه تراست دان که زردی

١٢. هڪ ڏينهن مان پنهنجي مرشد جي حضور ۾ ويس. ان ڏينهن درد ڪان سواءِ ٻيو ڪو
... نه ڄاتم.

١٣. مجلس جي وچ ۾ مان اهڙو زار زار رنس، ان سبب ... عام ۽ خاص ۾ خوار ٿيس.

١٤. هن پاڻ آه اهڙي ڪڍي جو سنڌن اکين مان ڳوڙها وهيا. جنهن جي سيلاب سان
زمين آلي ٿي ٿي.

١٥. منهنجو مرشد بيخوديءَ جي حالت ۾ هو. هن دل جي ميڙ مان تار جهڙي ٿي ڪڍي.

١٦. هر ڪنهن شخص کي هن درد ڀريل ڪهاڻي ٿي ٻڌائي. جنهن ڪري هو بيحد ديوانا
ٿي ويا هئا.

١٧. اُهي ڪيئن عشق جو خبر ڏيون. انهن کي معلوم ناهي ته اهي عشق جو ظهور هيون.

١٨. درد ڪان جڏهن آه ٿي ڪڍي ته انهيءَ آه سان هن سيني کي راهه ٿي ڏيکاري.

١٩. اُها عشق جي آه هئي جنهن ڪري عام ۽ خاص جي دل ڪينچي ٿي ڏٺي.

٢٠. اي عاشق آشڪار صبر ڪر. نت قيامت پيدا ٿي پوندي (سبحان الله)

٢١. هي منهنجي جان ويران ۽ آهڙي هئي ڳاڙهي ۽ سوز ڪان منهنجي دل ڪباب
ٿي ٿئي.

٢٢. ڪنهن وقت هن مون ڏانهن نگاه ڪئي ته مان درد سان ڀرپور ٿي ويس.
(ڪٿي آهي معظم الدين سيد ني جو فيض؟ ڪٿي آهي پير ڪنهن جي دعا جو اثر؟ (مرتب)

٢٣. جنهن به شخص تي هن نگاه ٿي ڪئي ته هن جا پير نه ڪري ٿي ديا ۽ هو ڪري ٿي پيو.

٢٤. فرمايائين ته اهو درد عشق جو سينگار آهي. عاشقن تي عشق جو بار هوندو آهي.

٢٥. جڏهن تون مرد آهين ته ٻي درد ڇو ٿو ڏئين. جيڪڏهن تون ويو ناهين ته تون مرد آهين.

۲۶. آن کارِ بطون او وصول الی ست | دائم که خندا ادهم رسول ست

۲۷. بد عهد خبست ز رازِ مولی | در بر دو جهان شوی تو ولی

۲۸. دید اوّل و آخرین بود او | بیند و شنود هم سخن گو

۲۹. کس نیست دگر بجبر حق اینجا | برارض و سما و هم دریجا

۳۰. آن روز که چشم پیر دیدم | در عمر همه گهی ندیدم

۳۱. آن دیده فیض ما چو دیده | پس درد بجان و دل رسیده

۳۲. چشم که ز دیده او ترسناک | چشمش بزمین دگر بر افلاک

۳۳. حالت بروی چو غلبه میکرد | رو سرخ شدی گهی رخش زرد

۳۴. از درد بسی بیان بکردی | پر درد بیان عیان بکردی

۳۵. بسیار عرق برو همی شد | هم نعره بجوش تر همی زد

۳۶. از دیده مدام اشک باران | هم مجلس مست جمله یاران

۳۷. یاران همه ز جذبِ مستی | شد توبه کنان ز خودپرستی

۳۸. با درد کسی که می رسیده | محتاج بسی باد کشیده

۳۹. در بر خود او همی نشاندند | بر پای برای او ستادند

٢٦- ايهو اندازو وارو محڪم درد کان حاصل ٿئي ٿو. مان سمجهانٿو ته اهو خدا ۽ رسول آهي

٢٧- درد الله جي راز جي خبر ڏئي ٿو. ٻنهي جهان ۾ هو ٿنبو وڄائي ٿو.

٢٨- اوّل ۽ آخر اهوئي آهي. ڏوسنڌڙ ٻڌندڙ ۽ نگاهه ڏسيندڙ اهو آهي.

٢٩- زمين ۽ آسمان ۽ هرهنڌ هرجاءِ حق کان سواءِ ٻيو ڪو نهي.

٣٠- انهيءَ ڏينهن مان پنهنجي مرشد جون اکيون ڏٺيون. ساري عمر ۾ وري
اهڙيون نه ڏٺيون.

٣١- اهي فيض واريون اکيون جڏهن مان ڏٺيون ته منهنجي دل ۽ جان ۾ درد سمائجي ويو.

٣٢- منهنجون اکيون هنڪي ڏسڻ سان ڏڪي ويون. سندس هڪ اک زمين تي ته
ٻي آسمان تي هئي

٣٣- حالي جڏهن هن تي غلبه ٿي ڪيو ته سندس منهن ڪڏهن گاڙهو ته ڪڏهن پيلو
ٿي ٿي ويو.

٣٤- درد جو هن گهڻو بيان ٿي ڪيو ۽ درد پرپيو حال ظاهر ٿي ڪيو.

٣٥- سندس منهن مان گهڻو پسينو ٿي وهيو. ۽ هن جوش منجهان نعرو ٿي هنيو.

٣٦- سندس اکين مان هميشه آب جاري هوندو هو. محفل وارا هميشه مستن ۽ مخمور
هوندا هوا.

٣٧- سيئي محفل وارا مستي ۽ جذب ۾ هوندا هوا. خود پرستي کان توبه ڪندا هوا.

٣٨- درد وارو جيڪو ڪو آيو ٿي ته هن کي تحقيق ٻاڻ ڏانهن ڇڪيائون ٿي.

٣٩- انهن کي تخت تي ٻاڻ سان گڏ ويهاريائون ٿي ۽ انهيءَ لاءِ اُٿي بيٺا ٿي

۴۰. او را ز لبش آب زندگی داد — می کرد دلش به پرستش شاد

۴۱. بی درد اگر کسی بیاید — میگفت همی مرا نشاید

۴۲. پر درد به مجلسم خوش تر — بیدرد مراست درد در سر

۴۳. آن درد به مجلسم مبادا — بیدرد به محفلم مبادا

۴۴. آن وقت که گهی یاد کردم — نی زنده یلک هیچ مرده

۴۵. گاهی که مرا چون یاد آید — در غم دل و جان نهاد آید

۴۶. می آمد در میان جماعت — می برد دل همه بغارت

۴۷. از درد چون آه می کشیدی — در لحظه به لامکان رسیدی

۴۸. هر کس بفغان گریه زار — هیهات کننده نی بگفتار

۴۹. آن دم همه در فغان و فریاد — از زندان وتن می شدند آزاد

۵۰. گر چشم سوی کسی فگندے — او را بهوائے هو برندے

۵۱. در دیده او نه چشم دیگر — باهم نشدی با منظر

۵۲. آن دیده مست همچو شیران — بیننده می شدند حیران

۵۳. دریے دلش چو موج در تج — او فیض دهنده فوج در فوج

۴۰. انهيءَ کي ڪافي عزت ڏنائون ٿي ۽ انهيءَ جي گهٽي دل جوئي ڪيائون ٿي.

۴۱. بي درد جيڪڏهن ايندو هو ته فرمائيندا هوا ته هيءُ مون کي نٿو سيباجي.

۴۲. اسان جي محفل ۾ درد وارو ڇڱو لڳي ٿو. بي درد اسان کي مٽي جو سور لڳي ٿو.

۴۳. درد وارو اسان جي محفل ۾ ڀلي اچي. بي درد اسان جي محفل ۾ شل نه اچي.

۴۴. اُهو وقت جڏهن ياد اچي ٿو. ته جيئرو نه بلڪ پاڻ کي مئل سمجهان ٿو.

۴۵. جڏهن جو هو مون کي ياد اچي ٿو. ته دل ۾ جان ۾ غم جي نشاني ظاهر ٿئي ٿي.

۴۶. جيڪو به انهيءَ مجلس ۾ ايندو هو. سو پنهنجي دل ڦرائي ويندو هو.

۴۷. درد مان جڏهن آه ٿي ڪيديائون. ته هڪ لحظي ۾ لامڪان تي پهتي.

۴۸. هر هڪ رفيق آه ڪيدي رنو ٿي. هر هڪ کي افسوس هو ۽ هن کان ڪجھ
گفتگو نه ڪري نٿي سگهيو.

۴۹. انهيءَ وقت سڀئي آه ۽ زاري ۾ پيا ٿي. جان ۽ تن کان آزاد ٿيا ٿي.

۵۰. جنهن ڏانهن نظر ٿي ڦيرايائون. ته هن کي هوا کان ڪيدي ٿي ڇڏيائون.

۵۱. هنجي نظر [illegible] پئي ڪانه هئي. پوءِ تون هن سان هڪ ڇونه ٿو ٿئين ته هن
جو مظهر ڏسين.

۵۲. اُهي اکيون شيشن وانگر مست هيون. ڏسندڙ حيران ٿي ٿي ويا.

۵۳. هن دل جو درياه لهرن ٿي لهردن هئي رهيو هو. ۽ بي شمار فيض عطا ٿي ڪيو.

۵۴۔ فرمود مرا بروزِ دیگر	اوّل تو ز خویشتن بہ بگذر
۵۵۔ اگر از خود بکنی ثوابی	آن بر تو ہمی شود حجابی
۵۶۔ محجوب ہمی کند ثوابت	آن بلکہ ثواب شد عذابت
۵۷۔ ہر کس کہ نماز می گذارد	او جای ملامتی ندارد
۵۸۔ بی فکر نماز را نخوانی	آن وقت مگر خود ندانی
۵۹۔ بی خود شدن و نماز خواندن	با خود شدن و بغیر ماندن
۶۰۔ آن کیست کہ آیت بخواند	و آن کیست مرا کہ می نشاند
۶۱۔ آن کیست کہ در رکوع آرد	و آن کیست کہ در خضوع آرد
۶۲۔ خود را بمیان نی شماری	زنہار تو خویشتن نیاری
۶۳۔ ہرگز تو نئے مگر خدا ہست	یک دم ز تو دور نی جدا ہست
۶۴۔ من و ما ہمین از و بدانی	زنہار تو در میان نمانی
۶۵۔ گاہی بسجود در نماز ست	گہ ناز گہی درونِ نیاز ست
۶۶۔ با خود نشوی بہ بیخودی باش	تا سرِّ خدا بتو شود فاش
۶۷۔ گہ دانہ سبحہ می شمارد	گاہ از زنّار سر بر آرد

٥٤- ٻي ڏينهن مون کي فرمايائون - ته پهريون تون پاڻ کي فنا ڪر.

٥٥- جيڪڏهن تون پاڻ کي وچ ۾ آڻين ثواب جو ڪم به ڪندين - اهو تنهنجي لاءِ وڏو حجاب ثابت ٿيندو.

٥٦- تنهنجو ايهو ثواب تو کي حجاب ۾ رکندو ۽ اهو ثواب تنهنجي لاءِ عذاب ٿيندو.

٥٧- جو شخص نماز ادا ڪريٿو ته اُن تي ڪاملامت نٿي اچي.

٥٨- ٻي خياليءَ سان نماز نه پڙهه - مگر انهيءَ وقت جو تو کي پنهنجي جاڻ نه پوي.

٥٩- بيخوديءَ تون نماز پڙهه - جيڪڏهن تون هستيءَ سان نماز پڙهندين ته اُها غير ۾ شمار ٿيندي.

٦٠- اُهو ڪير آهي جو ڪرايت ڪري ٿو؟ اهو ڪير آهي جو مراقبي ۾ ويهاري ٿو؟

٦١- اهو ڪير آهي جو رڪوع ۾ آڻي ٿو؟ اهو ڪير آهي جو عاجزي ڪرائي ٿو؟

٦٢- پاڻ کي انهيءَ وچ ۾ نه ڳڻ - ڪڏهن به تون پاڻ کي وچ ۾ نه آڻ.

٦٣- تون آهين ٻئي ڪو نه مگر اُهو پاڻ خدا آهي - تو کان هڪدم به نه پري ۽ نه جُدا آهي

٦٤- مان ۽ اسان سڀ هندا انهن سمجهه - تون پاڻ کي ڪڏهن به وچ ۾ نه آڻ.

٦٥- ڪڏهن نماز ۾ ڪڏهن سجدي ۾ آهي - ڪڏهن ناز ۾ ته ڪڏهن نياز ۾ آهي.

٦٦- پاڻ وچ ۾ نه آڻ مگر بيخوديءَ - ته تو تي الاهي اسرار کلي پون.

٦٧- ڪڏهن تسبيح پڙهي ٿو - ته ڪڏهن جٽيو مان ظاهر ٿئي ٿو.

۶۸. گاهی به جبین قشقه دارد | گه بر رخِ خویش وسمه مالد
۶۹. بشناس بهر لباس سلطان | در ذرّه ذرّه او یکی دان
۷۰. این راهِ یقین نه سر بتابی | فی الجمله مظاهرش بیابی
۷۱. این جمله جهان ذاتِ حق است | آن ذات همه صفاتِ حق است
۷۲. با هستیِ خود هر آنچه کردی | آن هیچ نشد چه راه بردی
۷۳. یک دم بخدا اگر تو باشی | بیخود ز خودی مگر تو باشی
۷۴. دانی که بیافتم خدا را | این حرف بس است آشکارا
۷۵. حاصل تو گشت راهِ وحدت | بس سیر همی کنی بکثرت
۷۶. آن کثرت وحدتش یکی دان | در منزلِ عشق لاشکی دان
۷۷. عالم در تو توئی بعالم | داری تو خیالِ این مسلّم
۷۸. عالم همه جملگی خیال ست | وهم ست ولی بقیل وقال ست
۷۹. هست این همه عالم خیالات | دانی ز کجاست این مقالات
۸۰. ای مستغرق شدن همین جا | سرپا می شوند گم درین جا
۸۱. این جائی نه جسم و جان بماند | دانی که همین همه آنی بماند

٦٨. ڪڏهن پيشانيءَ تي تلڪ لڳائيءِ ٿو. ڪڏهن منهن تي رنگ لڳائيءِ ٿو.

٦٩. هر لباس ۾ انهيءَ بادشاهه کي سڃاڻ. هر ذري ۾ تون هن کي هڪ ڄاڻ.

٧٠. انهيءَ يقين جي راهه کان منهن نه ڦير. ته سڀ ۾ تو کي هن جو ظهور نظر اچي.

٧١. هي سارو جهان انهيءَ حق جي ذات آهي. ايءَ ذات انهيءَ حق جي صفات آهي.

٧٢. جيڪي به هستيءَ سان تون ڪندين. ته اُن مان ڪجهه به نه ٿيندو اگرچه
کهڙي راهه به وٺندين.

٧٣. جيڪڏهن هڪ پل تون خدا سان ملين ته تون خوديءَ کان بيخودي ۾ وڃين.

٧٤. ڄاڻ ته خدا کي هت ڪيم. اي آشڪار! ايهي اکر تو لاءِ ڪافي آهن.

٧٥. وحدت جي راهه جيڪڏهن تو کي حاصل ٿئي ته پوءِ تون ڪثرت جو سير ڪندين.

٧٦. اُها ڪثرت به وحدت تون هڪ سمجهه. عشق جي راهه ۾ شڪ نه آڻ.

٧٧. عالم تو ۾ آهي تون عالم ۾ آهين. اي ايمان وارا! ايهو خيال رک.

٧٩. سارو جهان خيال آهي. سمجهه ته هي گفتگو به ڳالهه ٻولهه ڪٿان اچي ٿو؟

٧٨. سارو جهان خيال آهي ۽ وهم به فقط ڳالهه ٻولهه آهي.

٨٠. جيڪو انهيءَ خيال ۾ گم ٿيو ته منجا سر به پير گم ٿي ويندا.

٨١. انهيءَ جاءِ تي نه جسم به نه جان رهيو. سمجهه ته نه هي آهي نه هو رهيو.

۸۲- این جان چگونه چون بگنجد — هیهات درون برون نگنجد

۸۳- من غرق شدم بآب حیرت — برخاست چه موج بحر وحدت

۸۴- من و تو شده ایم غرق دریا — دریا همه شد کجاست من و ما

۸۵- چون مرده بود بدست غسّال — دان هم تو چنان که خود درین خیال

۸۶- من مرده شدیم اوست زنده — جنباند او منم چون زنده

سچل سرمست تخلص "آشکار"

ختم شد

ALI ... KAZI
ASST. PROFESSOR
DEPTT. OF CHEMISTRY
.....ISLAMIA COLLEGE
....

٨٢. هن حيرت واري جاءِ ۾ ڪيئن سمائجي سگهندين - افسوس جو تون اندر
ٻاهر نه سمائجي سگهندين -

٨٣. جڏهن وحدت جي سمنڊ جي لهر چڙهي ته مان حيرت واري درياهه ۾
غرق ٿي ويم .

٨٤. تون ۽ مان سڀ درياهه ۾ غرق ٿي ويو - اُهو سمورو درياهه ٿي ويو پوءِ
مان ۽ اسان ڪٿي رهيا سون -

٨٥. جيئن مُردو غسُل واري جي هٿ ۾ هوندو آهي - تيئن تون پڻ سمجهه
۽ انهيءَ خيال ۾ رهه -

٨٦. مان مثل آهيان ۽ جو ڇٻڙو آهي - ۽ اهو ڇٻڙو مون کي هلائي ٿو -

---

(نوٽ) هن مثنوي چل سرمست پنهنجو تخلص "آشڪار" ڏيکاريو آهي .

ضروري گذارش

سرتاج الشعراء شاهنشاه عشق، منصور آخر زمان، شاعر هفت زبان، حضرت سچل سرمست پنهنجي سموري ڪلام پارسي، اردو، سرائيڪي ۽ سنڌي ۾ عشق ۽ درد جي بيحد ۽ بي انتها تعريف ۽ توصيف ڪئي آهي. انهيءَ جي باوجود عشق جي تعريف ۾ خلاصه بياض چيو آهي جو مثنوي "عشق نامه" جي نالي سان مشهور آهي جا ماه نومبر ١٩٦٢ع ۾ سنڌي معنيٰ سميت شائع ڪئي ويئي آهي. هي مثنوي "دردنامه" درد جي تعريف ۾ چيل آهي. هن قادرالڪلام شاعر پارسي ۾ ايترو شعر چيو آهي جو شايد ڪنهن ايراني شاعر جو به شعر نه هجي. پنهنجي مادري زبان ۾ شعر چوڻ ڪا وڏي ڳالهه نه آهي مگر قابل داد شاعر اهو ٿي سگهي ٿو جو غير مادري زبان ۾ شعر چوي. ساري دنيا ۾ هي اقليم سخن جو تاجدار شاعر آهي جنهن ستن ٻولين عربي، فارسي، اردو، پنجابي، هندي، سرائيڪي ۽ سنڌي ۾ لاتعداد شعر چيو آهي. بيشڪ هن جو وجود مسعود ساري سنڌ ۽ پاڪستان لاءِ باعث فخر ۽ ناز آهي.

سنڌس پارسي تصنيفات منجهان ديوان آشڪار "مثنوي عشق نامه" ۽ "مثنوي گدازنامه" اڳ شائع ٿي رهيون آهن. هي مثنوي انهيءَ سلسله جو چوٿون نمبر ڪتاب آهي "مثنوي تارنامه" سنڌي معنيٰ سميت تيار ڪئي ويئي آهي جا عنقريب شائع ڪئي ويندي.

الفقير قاضي علي اڪبر درازي